ڊاڪٽر ريحانہ نذير

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ تصوف ۽ وحدت الوجود جو تصور


***Abstract:***

**THE PROPAGATION OF SPIRITUALITY IN SHAH ABDUL LATIFBHITTAI'S POETRY**

*The unity of existence (Wahdat-ul-Wajood) is one of the fundamental doctrines of sufism that holds that all living and non-living beings in the universe are emblems of divine existence.*

*Classical poetry is often rich in spirituality and many Sufis have used this medium to spread their message, often fusing their poetry with music to spread the message of divinity, unity of existence, and sufism. Shah Abdul Latif Bhittai is one of those Sufi poets who have harnessed the eclectic power of music and spiritual poetry to bring mankind closer to God and spirituality and install a deeper bond between people and God's other creations. As Shah puts it in one of his poems: A thousand doors and windows too, the palace has ..but see,*

*Wherever I might go or be master confronts me there.*

*Spirituality is based on the principle of love honed through the tribulations of separation, longing, and ultimately, patience that moulds into love and appreciation of humanity and nature. This article discusses the influences of some prominent Sufi poets on Shah's poetry after giving an overview of the principles of spirituality and unity of existence in Shah' poetry, and the impact of Shah's poetry on the socio-political fabric of his time..*


**تصوف** جي تاريخ تي نظر وجهجي ٿي تہ ان جو پاڙون قبل مسيح کان پختيون نظر اچن ٿيون، جنهن ۾ يهودي تصوف، يوناني تصوف، هندو تصوف، ٻڌ مت جو تصوف ۽ عيسائي تصوف شامل آهن. تصوف جو اسلامي نقطہ نگاهہ کان جائزو وٺجي ٿو تہ ان جي شروعات ائين صدي عيسويءَ کان ٿيندي نظر اچي ٿي، جن ۾ حسن بصري ۽ بيبي رابعہ بصريءَ جا نالا چٽا نظر اچن ٿا. جنهن کان پوءِ نائين ڏهين صديءَ ۾ بايزيد





بسطامي، جنيد بغدادي، منصور حلاج تائين رسندي، اهو تصور گهڻو پکڙجي عام ۽ خاص جو موضوع بنجي وڃي ٿو، جنهن کي منصور جي شهادت تمام گهڻو ڦهلايو، جنهن اناالحق جو نعرو لڳائي، جز ۽ ڪل کي هڪ ڪري ڇڏيو هو. هندستان ۾ تصوف جو اهو فڪر ويدانيت جي فلسفي اندر پڻ جابجا نظر اچي ٿو. اپنشندن جي فڪر ۾ برهما(خدا) ئيستيہ (حق) آهي، باقي هر شيءِ عارضي آهي ۽ برهما ڪائنات جي هر جز اندر موجود آهي، جيڪو سچ ۽ حق آهي. اپنشندن کان علاوہ هندن جي مذهبي ڪتاب گيتا ۾ پڻ وحدانيت جو ذڪر نظر اچي ٿو، جيڪو تصوف جي فڪر سان مماثلت رکي ٿو.

## تصوف ڇا آهي؟

تصوف عربي ٻولي جو لفظ آهي ۽ باب تَفَعُل جو مصدر آهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ ان جي معنيٰ، ”صاف ٿيڻ، صوفي ٿيڻ، نفسياتي خواهشن کان پاڪائي، نفس جي صفائيءَ جو طريقو ڄاڻائي آهي.“(۱)

مولوي فيروز دين لکي ٿو: ”پشمينا پهننا، صوفيوں کا عقيده، مسلک، علم معرفت، دل سے خواہشوں کو دور کر کے خدا کے طرف دھيان لگانا، تزکيہ نفس کا طريقہ“(۲)

ايچ ٽي سورلي مطابق: ”تصوف خدا يا ديوتا ڏانهن انسان جو جذباتي رويو آهي. ان جذباتي رويي جون ٻہ مکيہ صورتون آهن: هڪ آهي خدا سان هڪ ٿيڻ لاءِ جذباتي جستجو، جنهن کي ’يونين وٿ گاڊ‘ (Union with God) يا ’يونيو‘ چئجي ٿو ۽ ٻيو آهي خدا سان اشتراڪ جي جذباتي جستجو، جنهن کي ’ڪميون وٿ گاڊ‘ (Commune with God) يا ’ڪميونيو‘ چئبو آهي ۽ گهڻا ئي وڏا صوفي، جيڪي اصولي طور ڪنهن هڪ قسم جي جذباتي رويي سان وابستہ هوندا آهن. انهن کي ظاهر ۾ ٻنهي طبقن مان ڪنهن هڪ طبقي ۾ رکي سگهجي ٿو.“(۳)

پروفيسر نڪولسن ان جي تشريح هنن لفظن سان ڪري ٿو: ”هڪ ايتري قدر ويڪري، ڦهليل ۽ گهڻ رکي مظهر واري نظام جو کو هڪڙو سبب ٿي نٿو سگهي. صوفي مت مڪمل طور تي گهڻ معنائن وارو رهيو آهي، جيڪو پنهنجي راهہ ۾ آيل، هر ڪا روشني پاڻ ۾ جذب ڪندو ۽ ان کي بدلائيندو آيو آهي، نتيجي طور هن متضاد خيالن وارا پنهنجا معتقد گڏ ڪري ورتا، انهن ۾ خدا پرست بہ هئا تہ وحدت الوجودي بہ هئا؛ معتزلي بہ هئا تہ خدا کي سڃاڻڻ جي دعوي! ڪندڙ بہ هئا.“(۴)

تصوف پنهنجي فڪر ۾ ڳوڙها راز، مخفي معنائون ڪٽي زندگيءَ جي حقيقتن کي بيان ڪري ٿو. جيڪو صحيح معنيٰ ۾ انسان کي خدا سان ملائي هڪ ڪري ڇڏي ٿو. تصوف دنيا جي هر مذهب ۾ موجود آهي، پر اها به حقيقت آهي ته تصوف ۾ ڪو به مذهبي متڀيد ڪونهي. تصوف جي پرچار ڪندڙ کي صوفي چوندا آهن، جيڪي پنهنجي روح جي پاڪيزگي ۽ اخلاق جي اصولن تي هلندي دنيا جي لوڀ، لالچ، عيش، عشرت کي ڇڏي، حق ۽ سچ جي تلاش ۾ جهرجهنگ، جبل ۽ درياءَ لتاڙي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين محوِ سفر رهندا آهن ۽ ان حقيقي ذات جي ڳولا ڪندا آهن، جنهن جو وجود هن ڪائنات جي هئڻ جو اصل ڪارڻ آهي. صوفي پنهنجي فڪر ۽ فلسفي کي آرٽ ذريعي ظاهر ڪندا آهن، جنهن ۾ سنگتراشي، شاعري، موسيقي، مصوري، ۽ رقص وغيره شامل آهن، انهن ۾ شاعري ۽ موسيقي سندن پرچار جو موثر ذريعو رهيون آهن.

سنڌ ۾ تصوف جو لاڙو وچ ايشيا جي صوفي بزرگن جو هندستان اچڻ ۽ هتي جي مختلف ماڳن ۽ مڪانن تي آستان ۽ خانگاهون جوڙڻ سان پروان چڙهيو. جيئن خواجه معين الدين چشتيءَ جو اجمير شريف ۾ رهائش اختيار ڪرڻ، بهاءُالدين ذڪريا جو ملتان ۾ قيام پذير ٿيڻ، بابا فريد جو پاڪ پتن ۽ قلندر لعل شهباز جو سيوهڻ کي پنهنجو مسڪن بنائڻ سان اهو لاڙو وڌيڪ مضبوط ٿيو..

صوفين جا چار مکيه مسلڪ آهن: چشتي، قادري، سهروردي ۽ نقشبندي. چشتيه مسلڪ شام مان ڏهين صديءَ ۾ آيو قادري ۽ سهروردي ٻارهين صديءَ ۾ بغداد ۾ ايريا ۽ نقشبند، جيڪو افغان جو شهر آهي ان جي نالي پٺيان چوڏهين صديءَ عيسويءَ ۾ نقشبندي ظاهر ٿيا.

صوفين جا ٻه وڏا مسلڪ آهن: هڪ شريعت ٻيو طريقت. صوفين ٻئي مسلڪ يعني طريقت کي اپنايو ۽ معرفت يعني عرفان جي منزل تي رسيا. تصوف يا روحانيت جون فڪري ڌارائون پنهنجي پنهنجي دور جون پيداوار آهن، پر ان جي جوهر ۾ عبادت، رياضت، زهد ۽ تقويٰ سان گڏ سچ ۽ حق جي ڳولا، انسان دوستيءَ جو فڪر، فطرت سان پيار ۽ قرباني ڏيڻ جا معيار شامل هوندا آهن. خاص طور تي صوفي شاعرن جي شاعريءَ ۾ اهڙا خيال ۽ فڪر يڪجا نظر اچن ٿا. سنڌي صوفياڻي شاعريءَ جي پسمنظر جو اڀياس ڪجي ٿو ته ان تي خاص طور تي ايران جي اسلامي تصوف جا اثر گهرا ۽ چٽا نظر اچن ٿا، ان سان گڏ ان تي هندستان جي ڀڳتي تحريڪ جا اثر پڻ نظر اچن





ٿا، جيڪي وحدت الوجود جي فڪر ۽ فلسفي سان گهڻي ڀاڱي مماثلت رکن ٿا. ايران ۽ هندستان ۾ تصوف جا غير معمولي شاعر پيدا ٿيا، بايزيد بسطامي، رومي، حافظ، خيام، جامي، امير خسرو، ڪبير، ميران ۽ تلسيداس، جن جي شاعريءَ جي ڪٿ ڪبي ته اها تصوف جي رنگ ۾ رڱيل وحدت الوجود جي فڪر ۽ فلسفي جي ڀرپور نمائندگي ڪندي نظر اچي ٿي، جن جا اثر ان ڪانپوءِ ايندڙ صوفي شاعرن تي نمايان طور تي نظر اچن ٿا. سنڌ ۾ قاضي قادن، شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري ۽ شاه لطف الله قادريءَ کان شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ تائين پهچندي، زمان ۽ مڪان جي وڇوٽين باوجود تصوف جي انهيءَ فڪر عام ۽ خاص پنهنجي اهميت قائم رکي، البت ڀٽائيءَ تائين رسندي ان جي فن توڙي فڪر ۾ وڌيڪ ڳوڙهائي پيدا ٿي. ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ تصوف جي انهيءَ فلسفي کي عاشقيءَ ذريعي بيان ڪيو. ۽ هو ان عاشقيءَ کي هڪ سفر جيان سمجهي ٿو، جيڪو مسلسل حرڪت ۾ آهي. سندس شاعريءَ جا ڪيترائي ئي پهلو آهن، پر مکيه پهلو خدا جي وحدانيت ۽ انسان جي پنهنجي وجود جي ڳولا، جستجو، عبادتن، نيڪين ۽ پاڪ ارپڻ وارين خصلتن ذريعي خدا تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش تي ٻڌل آهي ۽ انهيءَ واٽ تي هلندي فنا ٿيڻ کي به بقا سمجهي ٿو.

جن وڃايو وجود، فاني ٿيا في الله سان
نه تن قيام، نه قعدو، نڪو ڪن سجود
جيلاه ٿيا نابود، تيلاه رسيا بود کي [۵]

ڀٽائيءَ وٽ وحدت الوجود (همه اوست) جو فلسفو هر سُرَ ۾ نظر اچي ٿو. هو خدا کي پنهنجي وجود ۾ پاڻ سان گڏ پائين ٿو، جيڪا سندس اعلي بصيرت ۽ گهري نقط نظر جي نشاندهي ڪري ٿي، تڏهن ته هو سسئيءَ کي چوي ٿو:

وڃين چو وٽڪار، هت نه ڳولين هوت کي،
لکو ناهه لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار،
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.[٦]

ڀٽائيءَ جي شاعري گهڻي ڀاڱي ’پرينءَ جي پنڌ‘ ۽ ’پرينءَ کي پسڻ‘ جي وچ ۾ حائل درد، هجر، فراق جي مشڪل مرحلن، سخت گيرين، ڪشالن ۽ ڳولا جي سفر جي اها واٽ آهي، جنهن ڏانهن هلندي اندر جي اسات ۽ بيچيني وڌندي وڃي ٿي، جنهن کي ڀٽائي، سر سهڻيءَ ۾هيئن بيان ڪري ٿو:

ڪامان، پچان، پڇران، لڇان ۽ لوچان،
تن ۾ تئونس پرينءَ جي پيئان نہ ڊاپان،
جي سمونڊ منهن ڪيان، تان سُرڪيائي نہ ٿئي. [۷]

اڪثر صوفي تارڪ دنيا هوندا آهن، پر ڀٽائي اهو صوفي ناهي، جيڪو دنيا کان فرار وٺي، هو دنيا ۾ رهي دنيا جي ضرورتن کي نڀائي ٿو ۽ ذات حقيقيءَ جي تلاش ۾ سرگردان سر وڃائي سرهو ٿيڻ کي عاشقن جو اصل منصب قرار ڏئي ٿو:

اصل عاشقن جو، سر نہ ساندڻ ڪم،
سو سسنئان اڳرو، سندو دوسان دم،
هي هڏو ۽ چم، پڪ پريان جي نہ پڙي. [۸]

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو فڪر ۽ فلسفو گهڻي ڀاڱي سندس هن سٽ تي آڌاريل ملندو تہ 'اڪ الٽي ڏار ونءُ ابتو عام سين' انڪري سندس سوچ عام رواجي ماڻهن جي سوچ کان مختلف آهي. مثال هو ابليس جي انا کي سچي عاشقي سڏي ٿو، 'عاشق عزازيل، ٻيا مڙئي سڌڙيا'. سر سامونڊيءَ ۾ وري ڪاري کي ڪيڙڻ جي ڳالھ ڪري ٿو، 'ڪاري ڪيڙيائو، مٿان مني موٽيا' ساڳيءَ طرح ڀٽائيءَ وٽ دنيا ۽ آخرت جو تصور منفرد ۽ نرالو آهي، هو خالق ۽ مخلوق جي تصور کي بہ مذهب جي تصور کان بلڪل مختلف رکي ٿو ۽ ٻين جيان خدا ۽ بندي جي وچ ۾ حاڪم ۽ محڪوم جي عام رواجي تصور کي نٿو مڃي، بلڪ خدا کي هو انسان جو رهبر ۽ رهنما ۽ سچو دوست مڃي ٿو 'دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين' جي دعا گهري ٿو.

ڀٽائيءَ وٽ وحدت الوجود جو خيال خود شناسيءَ کان شروع ٿي، فڪر، ذڪر، گيان ۽ ڌيان جون منزلون طئہ ڪندو، خدا شناسائيءَ تائين پهچي ٿو.

وحدت الوجود جو اهو جامع تصور، تہ خدا هڪ آهي، هو دائم ۽ قائم آهي، هر چيز تي قادر ۽ نادر آهي، هو ڏسندڙ ٻڌندڙ، طاقتور ۽ سگهارو آهي، خالق ۽ پاليندڙ آهي ۽ دنيا ۾ موجود هر مخلوق سندس وجود جو ئي حصو آهي ۽ هر شيءِ کي واپس پنهنجي اصل ڏانهن موٽڻو آهي، ڇو تہ صوفين جو اهو خيال آهي تہ روح اسان جي جسم ۾ داخل ٿيڻ کان پهرين لوح محفوظ ۾ هوندا آهن، مرڻ کانپوءِ هو پنهنجي اصل ڏي موٽي، خدا سان وصال ماڻيندا آهن:





مري جي ماڻئين، جانب جو جمال،
ٿئين هوند حلال، جي پند انهيءَ پارئين. [۹]

صوفين وٽ ذات جو ظهور صفات کان سواءِ محفوظ نہ آهي، بقول محمد حسين ڪاشف جي تہ " صوفي ذات تي صفات انهيءَ پردي ۽ التباس کي چاڪ ڪري حقيقت الحقائق جي اسرار کي حاصل ڪن ٿا ۽ پوءِ جيترو جنهن ۾ ماڻ آهي، ان کي اوترو ئي پلئہ پوي ٿو. مشهور صوفي سعيد ابوالخير فرمائي ٿو: "خدا ۽ ان جي بندي جي وچ ۾ پردو نہ زمين آهي، نہ آسمان، نہ تخت آهي، نہ پائدان، پر پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجا وهم ئي پردو آهن. جڏهن انهن کي پاڻان پري ڪندين تہ ذات کي ماڻي وٺندين." [۱۰]

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ان فڪر جي پچار هر هنڌ نظر اچي ٿي:

پڙاڏو سو ئي سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا. [۱۱]

وحدت الوجود جو تصور لطيف وٽ فطري ۽ آفاقي آهي، جنهن کي هو پنهنجي مطالعي، مشاهدي ۽ جمالياتي حس سان شعر جي صنعت ۾ خوبصورت اسلوب ۽ معنيٰ خيز فڪر سان سلهاڙي، روحانيت جي انهن رمزن کي اهڙي مام ۾ بيان ڪري ٿو، جو انهن کي پڙهي ماڻهو حيران ٿيو وڃي! مثال:

سو پڪي، سو پچرو، سو سَرُ، سوئي هنج؛
پيهي جان پروڙيو، مون پاهنجو منجھُ؛
ڏِيل جنهين جو ڏَنجُھ، سو ماري ٿو مَنجھ ڦري. [۱۲]

شاھ جي شاعريءَ ۾ تدبيرون تمام گهڻيون آهن، جن جي وسيلي هو حقيقتون بيان ڪري ٿو. مثال هو تصوف جا درجات هن طرح بيان ڪري ٿو، تہ ان لاءِ سالڪ کي پهريان پنهنجي خودي ۽ انا کي ڇڏي، هوڏ، هستي مٽائي پنهنجي روح کي پاڪ ڪري، پنهنجي اندر جهاتي پائي، ڪيترين ئي احساساتي ۽ روحاني منزلن کي پار ڪرڻو پوي ٿو. ان کان پوءِ ئي ڪيس واٽ نظر اچي ٿي، جتي صوفيءَ جو دڳ آهي:

صوفي لاڪوفي، ڪونہ پانئس ڪير،
منجهائين منجھ وڙهي، پڌر ناهس پير،
جني ساڻس وير، ٿئي تنين جو واهرو. [۱۳]

ڀٽائي، روميءَ کان تمام گهڻو متاثر رهيو، جنهن جي شاهدي 'يمن ڪلياڻ' جي انهن ڇهن بيتن مان پڻ ملي ٿي، جن ۾ هو روميءَ کي مخاطب آهي. مثال:

طالب ڪٿر، سونهن سر، اي روميءَ جي رهاڻ،
ڀهرين وڃائڻ پاڻ، پسڻ پوءِ پرين کي. (۱۴)

رومي پنهنجي شاعريءَ ۾ وحدت الوجود جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

پير من، مراد من، درد من، دوائي من،
فاش گفتم، اين سخن، شمس من، خدائي من

ترجمو: پير به مان آهيان ۽ مراد به مان آهيان، درد به پاڻ آهيان ۽ ان جي دوا به پاڻ آهيان. اها ڳالهه غلط ڪئي اٿم بلڪ شمس تبريز به مان ۽ خدا به مان آهيان.

ڀٽائي ان تصور کي وڌيڪ جامع انداز سان بيان ڪيو ته:

پاڻهي جل جلاله، پاڻهي جان جمال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻ ئي پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سو سڀوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي. (۱۵)

علامتي ۽ اشاراتي طريقي سان لطيف جي شاعريءَ ۾ انسان ذات جي لاءِ وڏو پيغام ڏنل آهي، جيڪو پڻ تصوف جي اخلاقي پهلو يعني صبر، سهپ، ميٺ، محبت ۽ رواداريءَ وارن جذبن کي ظاهر ڪري ٿو ۽ گڏوگڏ منفي روين جهڙوڪ لوڀ، لالچ ، ڪيني حسد، ساڙ وغيره کي نندي ٿو مثال هو لکي ٿو ته:

هنجن سين هيڪار، جي ڳڻ ڪري نهاريين،
ٻگهن سين ٻيهار، هُوندَ ٻيلهه نه ٻڌين ڪڍهين. (۱۶)

يا

هو چونئي، تون مَ چوُ واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪين وارو ڪينڪي. (۱۷)

يا

نهائينءَ کان نينهن، سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري. (۱۸)





علام آءِ آءِ قاضي، لطيف جي فن ۽ فڪر بابت لکي ٿو: "جيستائين سندس فن جي گهرائيءَ جو تعلق آهي ته هن جي نگاهه نهايت تيزيءَ سان فطرت جي دل تائين پهچيو وڃي ۽ اها ظاهري شڪلين ڏانهن تمام گهٽ وڃي ٿي. سندس فن جي گهرائيءَ جو هڪڙو وڏو اهڃاڻ اهو آهي ته هو هن ڪائنات کي هڪ 'مڪمل ڪل' جو درجو ڏئي ٿو، ڪيس ڪثرت ۽ گهٽائي آئڙي ئي ڪانه ٿي."(۱۹)

رسالي جي مختلف سرن ۾ تصوف جي انهيءَ فڪر جي اپٽار نظر اچي ٿي. لطيف پنهنجي ڪردارن جي ذريعي ڪامل انسان جو جيڪو تصور پيش ڪيو آهي، اهو عام ماڻهوءَ جي تصور کان گهڻو متانهون ۽ پيچيده آهي لطيف جا آئيڊل ڪردار بيچين ۽ ڪاهوڙي انسان آهن، جيڪي سک ۽ آرام کي تياڳي، خودغرض جذبن کي ضبط ڪري، جبل جهاڳين ٿا، سمنڊن جا سينا چيري سپون سون جهين ٿا. يعني ڀٽائيءَ جو عشق جامد ناهي، پر متحرڪ آهي ۽ هو "جت نه پکي پير، تِت تمڪي باهڙي" جهڙي جمالياتي عڪس ۾ جنهن اعليٰ مقام تي پهچڻ جو ذڪر ڪري ٿو، اهو صوفياڻي فڪر ۾عارف جي روحاني منزل ۽ القاءِ جي ڪيفيت جو هڪ نرالو منظر آهي. وحدت جي انهيءَ رمز کي ڀٽائي سُرُ سهڻيءَ ۾ هيئن بيان ڪري ٿو:

پڇن جي ميهار کي، پڇي سي ميهار،
ترهو تنين بار، عشق جن کي آکرو.(۲۰)

سسئيءَ کي ڀٽائي، حق ۽ سچ جي تلاش ۾ سرگردان ڏونگر ڏوري، درد ۽ فراق جي سورن، پيڙا جي پنڌن ۽ ڪٺن مرحلن مان گذاري ٿو مثال:

جيئن سو هرڻ هماءُ، سرگردان سنسار ۾،
هيءُ پَڳَ نه ڪوڙي پَنِئين، هُو ڏڙ سِر ڏري نه ساهه
جيڪس تَنِ ملاءِ، سَسُئيءَ سور پرائيا. (۲۱)

۽ انهن ڪشالن کان پوءِ ڪيس احساس جي ان روحاني ڪمال تي پهچائي ٿو، جتي سندس عشق وجدان بنجي، فنا ۽ بقا جا سڀ لنگهه لتاڙي، هڪ ٿي وجود ۾ پيهي وڃي ٿو. مثال:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا. (۲۲)

تصور ۽ تخيل جا اهڙا منفرد ۽ انوکا خيال ۽ اظهار جي اهڙي نزاڪت لطيف کي عظيم صوفي شاعرن جي سٽ ۾ بيهاري ٿي. سورلي سندس پوري شاعريءَ جو پوتاميل هنن سٽن سان ڪري ٿو: ” سندس سموري شاعري مذهبي آهي ۽ اسلامي تصوف مان اتساهه ورتو ويو آهي، جيڪو ايران جي صوفي شاعرن جو طريقو آهي. جيڪڏهن وسيع نقط نگاهه کان ڏٺو وڃي ته ’منتخب‘ ۾ جن عنوانن کي ورتايو ويو آهي، انهن کي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون عشق الاهيءَ جو اسرار، ٻيو سنڌ جي لوڪ ادب جو استعمال ۽ ٽيون سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي عام تجربي سان لاڳاپيل کي خاص ڳالهيون. عنوان ڪٿي کهڙو به هجي، پر ان ۾ ڳوڙهو صوفياڻو رنگ موجود آهي، پوءِ ڪٿي الله جي اسرار يا سندس شان جي ساراهه هجي يا سنڌ جي فراق ڦٽيل عاشقن جو ذڪر هجي، يا اهو سُڪي ٿوٽ ٿيل زمين تي وسندڙ وڏ ڦڙي جي ڪري هاريءَ جي دل ۾ پيدا ٿيندڙ خوشيءَ جو بيان هجي، يا چرخو چوريندڙ ڪاپائتيءَ جي اندر جو احوال هجي. ٻهراڙيءَ جي عام ماڻهو جي نج شاهڪار ٻوليءَ ۾ موجود عڪسن ذريعي، جن خيالن جو اظهار ڪيو ويو آهي، ان ۾ سچي سونهن جو شان ۽ معجزو، خدا جي هيڪڙائي ۽ وڏائي، تجربي جي وحدت ۽ انسان جو خدا سان صوفياڻو ميلاپ شامل آهن.“(٢٣)

## نتيجا:

مجموعي طور تي هن مقالي جو تت هن ريت سامهون اچي ٿو ته سنڌ پنهنجي خمير ۾ تصوف جي رنگ ۾ رڱيل زمين آهي. تصوف جو بنيادي مقصد تزڪيہ نفس ۽ خدا جي قربت حاصل ڪرڻ آهي. سنڌ ۾ اهڙا صوفي شاعر ۽ عارف پيدا ٿيا آهن، جن پنهنجي فڪر ۽ فلسفي جي پرچار لاءِ شاعريءَ کي پنهنجو موضوع بنايو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو وڏو حصو تصوف جي فڪر ۽ فلسفي تي آڌاريل نظر اچي ٿو، جنهن تي ايراني ۽ هندي صوفي شاعرن جا نشان چٽا نظر اچن ٿا.

سندس شاعريءَ جي مطالعي ڪرڻ سان هڪ ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته هو خدا جي وحدانيت تي يقين رکندڙ ان تصوف جو پرچارڪ هو، جيڪو سراسر عشق هو. سندس شاعري عشق مجاز کان شروع ٿيندي، عشق حقيقيءَ تائين پهچي ٿي ۽ انهيءَ





واٽ تي ڏکن، ڏولاون جا سور سهندي، فراق ۽ وصل جا گس لتاڙي، فنا ۽ بقا جا مرحلا طئي ڪري، محبوب جو مشاهدو ماڻيندي نظر اچي ٿي.

بنيادي طور شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حق، سچ ۽ سونهن جو ڳولائو شاعر آهي. سندس پيغام صبر ۽ شڪر سان گڏ جدوجهد ۽ جستجو جو اڻ کٽندڙ سفر آهي ۽ ان سفر لاءِ عشق اها وٽ ۽ وکر آهي، جيڪا انسان کي خدا تائين رسائيءَ جي قابل بنائي ٿي ۽ آخر ۾ هو ان منزل تي پهچي ٿو، جتي ’راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهه ڪو‘ جو نعرو بلند ٿئي ٿو.

## حوالا


١. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’جامع سنڌي لغات‘، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ص: ٦١١.
٢. ڪنير، محمد جمن، ’صوفيت هڪ مطالعو، هڪ جائزو‘ مڪتب علامہ بديع الدين شاهه راشدي، مٽياري، ٢٠٢١ع، ص: ٣٩٠.
٣. سورلي، ايچ. ٽي.، ’ڀٽ جو شاهه‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ١٩٩٢ع، ص: ٣٣٧٣.
٤. ساڳيو، ص: ٣٥٨.
٥. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهه جو رسالو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠١٨ع، ص: ٥٧.
٦. ساڳيو، ص: ٢١٠.
٧. ساڳيو، ص: ٤٧٨.
٨. ساڳيو، ص: ٦٢.
٩. سورلي، ايچ. ٽي.، ’ڀٽ جو شاهه‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ١٩٩٢ع، ص: ٤٠٠.
١٠. ڪاشف، محمد حسين، ’لطيفي فڪر ۽ سرن جي ساڃاهه‘، ڀٽ شاهه ثقافتي، مرڪز، ص: ٣٥.
١١. بلوچ نبي بخش: شاهه جو رسالو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ص: ٤٩.
١٢. ساڳيو، ص: ١٨٦.
١٣. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهه جو رسالو‘ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ص: ٥٠.
١٤. ساڳيو، ص: ٥٣.
١٥. بلوچ، مينهون خان سوز، ’ٻولي ٻجهارت‘، مُرڪ پبليڪيشن، ڪراچي، ٢٠٢١ع، ص: ٧٢.
١٦. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهه جو رسالو‘ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠١٨ع، ص: ١٨٤.
١٧. سورلي، ايچ. ٽي.، ’ڀٽ جو شاهه‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ١٩٩٢ع، ص: ٤٢٣.
١٨. ساڳيو، ص: ٤٩٢.
١٩. قاضي، علامہ آءِ. آءِ. ’صوفي لاڪوفي‘، مرتب: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠٠٩ع، ص: ١٥٧.
٢٠. سورلي، ايچ. ٽي.، ’ڀٽ جو شاهه‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ١٩٩٢ع، ص: ٥٥٩.
٢١. بلوچ، مينهون خان سوز، ’ٻولي ٻجهارت‘، مُرڪ پبليڪيشن، ڪراچي، ٢٠٢١ع، ص: ٢١٢.
٢٢. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهه جو رسالو‘ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠١٨ع، ص: ؟؟؟
٢٣. سورلي، ايچ. ٽي.، ’ڀٽ جو شاهه‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ١٩٩٢ع، ص: ٢٨٤.